# يارن لاء بائبل
## تحفو

# الوداع
# فرعون!



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



فرعون ناراض ٿي ويو!
خُدا ڪيس موسيٰ جي
معرفت حڪم ڏنو هو ته بني
اسرائيل جي مصري غلامن
کي مصر کان ٻاهر وڃڻ
ڏيو. هن انڪار ڪيو.



"انهن ڪان وڌيڪ محنت
ڪرايو" فرعون پنهنجي
غلامن جي آقا کي حڪم
ڏنو. هاڻي حالات بني
اسرائيلن لاءِ اجا به
وڌهڪ خراب ٿي ويا.

"پنهنجو بُهه پاڻ گڏ ڪريو. اسان اهو وڏيڪ نه ڏيندا سين. پر ايترين ئي سرون ڏاهيو." اهي فرعون جا نوان حڪم هئا.



ڪم وٺيندڙ سردارن غلامن
کي ڪوڙا هنيا ڇاڪاڻ ته
انهن وٽ وقت نه هو ته هو
ٻُهه گڏ ڪن ۽ اڃا به ڪافي
سرون ٺاهيٽيون آهن.





ماڻهن موسىٰ ۽ هارون
تي پنهنجي مصيبتن جو
الزام لڳايو. موسيٰ کي
دعا لاءِ جاءِ ملي. "اي
خُداوند،" هن رڙ ڪئي،
"تو پنهنجي قوم کي
ڪڏهين به نه بچايو آهي."

"مان خُداوند آهيان،
۽ مان توکي هتان
ڪڍي چڍيندس،" خُدا
جواب ڏنو.

پوءِ خُدا موسيٰ ۽
هارون کي واپس
فرعون ڏانهن
موڪليو. جڏهن
طاقتور حڪمران
خُدا جي پاڻهن کان
خُدا کان ڪا



نشاني گهري ته
هارون جي لٺ
هڪ ٿلهي نانگ
۾ تبديل ٿي وئي.



"فرعون رڙ ڪري چيو."
منهنجي جادوگرن کي سڏيو.
جڏهن مصري جادوگر
پنهنجون لٺيون اڇلائي ڇڏيون
ته هر هڪ لٺ به نانگ
بڻجي وئي. پر هارون جي لٺ
بين کي گڙڪائي ويئي. تڏهن
به، فرعون ماڻهن کي وڃڻ
ڏيڻ کان
انڪار
ڪيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو، موسيٰ ۽ هارون درياهه تي فرعون سان مليا. جڏهن هارون پنهنجي لٺ کڻي، ۽ پاڻي کي رت ۾ تبديل ڪيو. مڇي مري وئي! ۽ ماڻهو نه پيئي سگهيا.



پر فرعون سندس دل سخت ڪري ڇڏي. هو بني اسرائيل کي
مصر ڇڏڻ نه ڏيندو.





پوءِ، موسي فرعون
کي چيو ته خُدا جي
ماڻهن کي وڃڻ ڏيو.
فرعون وري انڪار
ڪيو. خُدا هڪ ٻي
آفت موڪلي. سڄو
مصر ڏيڏرن سان
ڀريل هو. هر گهر،
هر ڪمرو، ايتري
قدر جو ٻاچيون
ٿانوَ ٿانو به ڏيڏر
سان ڀريل هئا.



"منهنجي لاءِ دعا
ڪريو ته خُدا ڏيڏرن
کي هٽائي،" فرعون
عرض ڪيو. "۽ مان
توهان جي ماڻهن کي
وڃڻ ڏيندس." پر،
جڏهن ڏيڏر هليا ويا،
فرعون پنهنجو ارادو
تبديل ڪيو. هو
غلامن کي آزاد نه
ڪندو هو.

خُدا پوءِ لکين ننيڙا ڪيڙا موڪليا، جن کي جُوئون سڏيو ويندو هو. هر ماڻهوءَ ۽ حيوان کي هن جي چمڙي مان خارش ٿيندي هئي، پر فرعون خُدا جي آڏو نه مڃيندو هو.







اڳتي هلي خُدا مکيون موڪليون، انهن جا ميڙ. خُدا مصرين جي جانورن کي مارڻ لاءِ بيماري موڪلي. خُدا دردناڪ ڦرڙا موڪليا. ماڻهن کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. اجان تائين فرعون خُدا جي مخالفت ڪئي.

قرڙن جي وبا ڪان پوءِ،
خُدا مڪڙن جا لشڪر
موڪليا. مڪڙن زمين
جي هر سائي ٻوٽي کي
کائي چڏيو.





پوءِ خُدا ٿن ڏينهن جي
مڪمل اونداهيءَ کي
موڪليو. پر ضدي
فرعون بني اسرائيل
کي آزاد نه ڪيو.

"مان هڪ ٻي وبا
موڪليندس،" خُدا
خبردار ڪيو. "اڌ
رات جي مهل ۾، سڀ
پهريتا چاول انسان ۽
جانور مري ويندا."
خُدا بني اسرائيلن کي
ٻڌايو ته انهن جي
پهريتا چاول بچي
ويندي جيڪڏهن اهي
انهن جي دروازي تي
گهيٽي جو رت لڳائڻ.





اڌ رات جو، مصر ۾ هڪ وڏو گوڙ ٿيو. موت اچي ويو هو. هر گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماڻهو مري چڪو هو.



"ٻاهر وڃ،" فرعون موسيٰ کي
عرض ڪيو. "وڃو وڃو، خُداوند
جي عبادت ڪريو." جلدي، ُخُدا
جا ماڻهو مصر جي سرحد کان
ٻاهر نڪري ويا.



خُدا موسيٰ کي عيد فصح جي رات
ياد ڪرڻ لاءِ چيو ڇاڪاڻ ته خُدا جو فرشتو
بني اسرائيلن جي گهرن جي مٿان گذريو هو ۽
فرعون ۽ سندس ماڻهن کي ماريو هو.



مصر ۾ 430 سالن کان پوء، خُدا
جي قوم هاڻي آزاد ٿي چُڪيا هئا. خُدا
انهن کي ڏينهن ۾ ڪڪر جي ٿنڀي ۾، ۽ رات
جو باهه جي ٿنڀي جي ذريعي رهيو.



پر فرعون بني اسرائيلن
سان ختم نه ڪري سگهيو.
پيهر، هن خُدا کي وساري
ڇڏيو. پيهر، هن پنهنجي
ذهن کي تبديل ڪيو. پنهنجي
فوج گڏ ڪري، غلامن جي
پٺيان لڳو. جلد ئي، هن انهن
کي پٺرن ۽ سمنڊ جي وچ
۾ وڃين ورتوون .



"خُداوند تو لاءِ وڙهندو،" موسيٰ چيو. موسيٰ اڳتي وڌيو پاڻيءَ جي ڪناري ڏانهن، ۽ هٿ وڌايو.



وڏو معجزو ٿيو.
خُدا پاڻي ذريعي هڪ
رستو کوليو. اسرائيلي
ماڻهو سلامتيءَ
سان پار ٿي ويا.

پوءِ فرعون جي لشڪر ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. "هاڻي اسان انهن کي پڪڙينداسين،" سپاهين سوچيو. پر خُدا پاڻي بند ڪيو. مصر جي طاقتور فوج ٻڏي وئي. هاڻي فرعون ڄاڻي ٿو ته بني اسرائيل جو خُدا سڀني تي خُداوند آهي.



# الوداع فرعون!

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

خروج 4-15

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏيئي."
زبور 119: 130

ختم

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.